مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبا امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
23 آڪٽوبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 11 جمادي الاول 1448ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# حيرت جو ميدان (سيپارو: 1، سورهٔ بقرة: 57)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... پريشانين مان نڪرڻ جو طريقو
- ... ڪاڏو خراب ڇو ٿيندو آهي
- ... انڊي پڪيءَ جو توڪل
- ...ٽينشن (ذهني ڇڪتاڻ) جو علاج

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۚ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ۚ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۚ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۚ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار،قسط: 2، صفحو: 7، حديث پاڪ نمبر: 7 آهي

اِنِّي رَاَيْتُ الْبَارِحَةَ عَجَبًا وَّرَاَيْتُ رَجُلًا مِّنْ اُمَّتِيْ يَزْحَفُ عَلَى الصِّرَاطِ مَرَّةً وَيَجْثُوْ مَرَّةً فَجَاءَتْهُ صَلَاتُهُ عَلَيَّ فَاَخَذَتْ بِيَدِهٖ فَاَقَامَتْهُ عَلَى الصِّرَاطِ حَتّٰى جَاوَزَ

ترجمو: مون گذريل رات هڪ عجيب واقعو ڏٺو: منهنجي اُمّت جو هڪ شخص پُل صراط تان ڪڏهن گِهلجي ۽ ڪڏهن گوڏن پر هلي رهيو هو، ايتري ۾ اهو درود شريف اچي پهتو جيڪو هن مون تي پڙهيو هو، پوءِ ان درود پاڪ سندس هٿ پڪڑي ڪيس پُل صراط تي سڌو بيهاري ڇڏيو، تان جو هن پل صراط پار ڪري ورتو. (1)

(وضاحت: درودِ پاڪ ڪيس پُل صراط پار ڪرائي جنت ۾ وڃي ويو. (2)

پڑھتی دُرودیں دوڑیں گی حوریں لاشہ جو لے گا نام مُحَمَّد

روزِ قیامت میزان و پُل پر دے گا سہارا نام مُحَمَّد

بیڑا تباہی میں آ گیا ہے دے دے سہارا نام مُحَمَّد (3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...معجم كبير، جلد:3، صفحه:470، حديث:5566۔

2...تيسير شرح جامع الصغير، جلد:1، صفحه:370۔

3...قبالۂ بخشش، صفحه:134 و135 ملتقطًا۔

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَ ظَلَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَ السَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَ مَا ظَلَمُوْنَا وَ لٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ۝۵۷

(پاره:1، البقرة:57)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزُ العرفان: اسان توهان جي مٿان ڪڪرن کي ڇانوَ ٻٹائي ڇڏيو ۽ توهان جي مٿان من ۽ سلويٰ لاٿو (ته جيئن) اسان جون ڏنل پاڪيزه شيون کائو ۽ انهن اسان جو ڪجهه نه بگاڙيو بلڪ پنهنجي جانين تي ظلم ئي ڪندا رهيا.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 1، سورةُ البقره جي آيت: 57 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيت ڪريمه ۾ هڪ نهايت ئي حيرت انگيز ۽ نصيحت پريو واقعو بيان ٿيو آهي، اچو ته پهريان اهو واقعو ٻڌون تا، ان کان پوءِ آيت مبارڪ جي وضاحت ۽ ان مان ملندڙ سبق سکنداسين.

## حيرت جو ميدان

واقعو هن ريت آهي ته جڏهن فرعون درياءَ ۾ ٻڏي غرق ٿي ويو ۽ بني اسرائيل مصر تي غالب آيا، تڏهن اهي آزاديءَ سان رهڻ لڳا.

اهو ذهن نشين ڪري ونو ته بني اسرائيل جو اصل وطن ملڪ شام ۽ ارضِ مقدس (يعني موجوده فلسطين ۽ بيت المقدس وارو علائقو) هو. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام هجرت ڪري اتي ئي تشريف فرما ٿيا هئا، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام به ان خطي جي هڪ علائقي ڪِنْعان ۾ رهندا هئا، حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ دور ۾ بني اسرائيل مصر پهتا هئا.

هاڻي جڏهن بني اسرائيل کي فرعون جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو مليو، تڏهن ارضِ مقدس تي قومِ عمالقه جو قبضو هو. تنهنڪري بني اسرائيل کي حڪم ٿيو ته قومِ عمالقه سان جنگ ڪري ملڪِ شام ۽ ارضِ مقدس کي

آزاد ڪرايو! هي حڪم ملندي ئي بني اسرائيل جو هڪ وڏو لشڪر حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي اڳواڻيءَ ۾ شام طرف روانو ٿيو. اصل معاملو هي هو ته اهي ماڻهو دلي طور تي ان ڪم لاءِ تيار نه هئا، بلڪ بي دليءَ سان نڪتا هئا. (1)

مصر ۽ شام جي وچ ۾ هڪ ميدان آهي، جنهن کي ميدانِ تِيَہ چيو ويندو آهي، هي ميدان صرف 6 فرسخ (اٽڪل 27 ڪلوميٽر) ڊگهو ۽ ويڪرو ميدان آهي. جڏهن هي ماڻهو اتي پهتا ته کين خبر پئي ته قومِ عمالقه وڏي طاقتور قوم آهي، بس اتي ئي ضد ڪرڻ لڳا، چوڻ لڳا: اي موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام! اسان ته قومِ عمالقه سان هرگز جنگ نه ڪنداسين.

| | |
|---|---|
| فَاذْهَبْ اَنْتَ وَ رَبُّكَ فَقَاتِلَاۤ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ۝۲۴ (سيپارو: 6، المائده: 24) | ترجمو ڪنزُ العرفان: سو تون ۽ تنهنجو رب ٻئي وڃو ۽ وڙهو، اسان ته هتي ئي وينا آهيون. |

الله! الله! ڪيڏي نه وڏي بي ادبي جي ڳالهه آهي، ڪهڙي نه بي باڪيءَ سان هي اهڙا لفظ چئي وينا...! جڏهن انهن اها بي ادبي ڪئي ته انهن کي سزا ڏني وئي، اها سزا ڇا هئي؟ انهن کي ميدانِ تِيَہ ۾ قيد ڪيو ويو.

فقط 27 ڪلوميٽر جو ميدان هو، اهي واپس موٽڻ لاءِ صبح جو هلندا، شام تائين سفر ڪندا، خبر پوندي هئي ته جتان ڪان هليا هئاسين واپس موٽي اتي ئي اچي ويا آهيون، ايئن انهن ان ميدان مان نڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پر باهر نڪري نه سگهيا هو اتي ئي حيران ۽ پريشان ٻڌندا رهيا ۽ 40 سالن تائين ان ميدان ۾ ئي قيد رهيا. (2)

هاڻي الله پاڪ جون ڪرم نوازيون ڏسو! بني اسرائيل ڏوهه ڪيو، الله پاڪ جي ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي گستاخي ڪئي، انهن کي ان ڏوهه

[1]...تفسير نعيمي، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:57، جلد:1، صفحه:404 و 405 خلاصةً۔

[2]...تفسير طبري، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:57، جلد:1، صفحه:336 و 337، رقم:994-996خلاصةً۔

سبب سزا ۾ قيد ڪيو ويو، پر ان قيد ۽ نظربنديءَ دوران بہ متن ڪهڙيون ڪهڙيون ڪرم نوازيون ٿيون.؟ ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَظَلَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ (سيپارو: 1، البقرة: 57) | ترجمو ڪنزُ العرفان: اسان توهان جي مٿان ڪڪرن کي ڇانوَ ٻڌائي ڇڏيو. |

جيئن تہ اهو ڪُليل ميدان هو، اتي ڪا ڇانوَ نہ هئي ۽ سج جي اُس سڌي انهن تي پوندي هئي، تنهنڪري مٿن ڪڪرن سان ڇانوَ ڪئي وئي.

| | |
|---|---|
| وَاَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ؕ (سيپارو: 1، البقرة: 57) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ توهان جي مٿان من ۽ سلويٰ لاٿو. |

اتي ڪائڻ پيئڻ جو ڪو بندوبست نہ هو، انهن لاءِ آسمان مان ڪاڏو لاٿو ويو. اهو ڪاڏو بہ ڪهڙو هو؟ مَنّ ۽ سَلويٰ. مَنّ جيڪو آهي اهو تُرنجَبِين (هڪ قِسم جي قدرتي ڪنڊ) جهڙي مني شيءِ هئي جيڪا فجر جي وقت ڪان سج اپرڻ تائين ماڪ وانگر وسندي هئي ۽ هر شخص جي حصي ۾ لڳ ڀڳ 4 ڪلو گرام ايندي هئي. ”سَلويٰ“ وري هڪ قسم جو نرم ۽ لذيذ ننڍڙو پکي هو، (جيڪو پُڳل انهن وٽ ايندو) هو ڪائيندا هئا.

انهن سان گڏوگڏ وڌيڪ ڪهڙيون ڪرم نوازيون ٿيون؟ الله پاڪ آسمان مان هڪ نوراني ٽنيو لاٿو، جيڪو رات جو انهن لاءِ بتيءَ وانگر روشني ڪندو هو، ان چاليهن سالن جي عرصي دوران انهن جا ڪپڙا نہ ميرا ٿيندا هئا، نہ پراٽا ٿيندا هئا، وار ۽ ڪنهن وڌندا نہ هئا، ان عرصي ۾ جيڪو ٻار پيدا ٿيندو هو، اهو ڪپڙا پهريل ئي پيدا ٿيندو هو، ۽ جيئن جيئن ٻار جو قد بت وڌندو هو، تيئن تيئن سندس پاتل لباس بہ پاڻمرادو وڏو ٿيندو ويندو هو. [1] ڏسو تہ سهي! رب ڪريم انهن تي ڪيڏا نہ احسان هئا! آهن مجرم، سزا

[1]...تفسير طبرى، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:57، جلد:1، صفحه:336 و 337، رقم:994-996خلاصةً۔

طور قيد كيا ويا آهن، پر ان قيد اندر بہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي برڪت سان كين كهڙيون نہ نعمتون عطا ڪيون ويون، پر هن قوم جو بہ عجيب مزاج هو، اهي گناهہ ڪندا هئا، سزا ملندي هئي، ان سزا ۾ بہ انعامَ هوندا هئا، پر هو شڪر ڪرڻ بجاءِ اهي اجان وڌيڪ جُرم ڪري ويهندا هئا. ميدانِ تِيَه ۾ بہ ائين ئي ٿيو، ان كليل ميدان ۾ انهن كي سموريون سهولتون ميسر هيون، صرف هكڙو حكم ڏنو ويو.

| | |
|---|---|
| كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ (سيپارو: 1، البقرة: 57) | ترجمو ڪنزُ العرفان: (تہ جيئن) اسان جون ڏنل پاكيزه شيون كائو. |

مطلب تہ روز جو كاڏو روز ڏنو پيو وڃي، ان كي سياڻي لاءِ بچائي نہ ركو! الله پاڪ اڄ عطا فرمايو آهي، اهو سياڻي بہ ڏيندو، تنهنكري اڳواٽ ذخيرو نہ كريو، روزانو كائي ونندا كريو! (1)

بني اسرائيل اهو هكڙو حكم بہ نہ مڃيو، سياڻي جي فكر ۾ كاڏو لكائي گڏ كرڻ لڳا. ان جا 2 نقصان ٿيا (1): اهو كاڏو سڙڻ، ۾ خراب ٿيڻ شروع ٿي ويو. (2): آسمان مان كاڏو نازل ٿيڻ هميشہ لاءِ بند ٿي ويو. (2) الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ۝۵۷ (سيپارو: 1، البقرة: 57) | ترجموكنزُ العرفان: ۽ انهن اسان جو ڪجهہ نہ بگاڑيو بلڪ پنهنجي جانين تي ظلم ئي ڪندا رهيا. |

يعني بني اسرائيل حكم نہ مڃي ڪري پنهنجو ئي نقصان كيو، دنيا ۾ بہ نعمت كان محروم ٿيا ۽ آخرت ۾ بہ سزا جا حقدار ٿي ويا.

---

[1]...تفسير خازن، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:57، جلد:1، صفحہ:48 خلاصۃً۔

[2]...تفسير مظهری، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:57،جلد:1، صفحہ:81 خلاصۃً۔

## آيت مان ملندڙ سبق

پيارا اسلامي پائرو! هي نهايت نصيحت پريو قرآني واقعو آهي، هن مان اسان کي کيتريون ئي ڳالهيون سکڻ جي لاءِ ملن ٿيون.

## دنيا حيرت جو ميدان آهي

پهريون سبق هي ته ڏسو! بني اسرائيل الله پاڪ جو حڪم نه مڃيو، ان جي سزا ڇا ملي، انهن کي کليل ميدان ۾ قيد کيو ويو، اهي حيران ۽ پريشان هيڏانهن هوڏانهن ڦرندا رهيا، سڄو ڏينهن سفر ڪندا هئا پر جتان هليا هئا، اتي جو اتي رهندا هئا.

معلوم ٿيو ته الله پاڪ جي نافرماني ئي حيرت ۽ پريشاني جو سبب آهي. اسان سان ائين ٿيندو آهي، اڪثر تڪليفون ۽ گهٽتيون انسان کي پنهنجي گهيري ۾ جکڙي وٺنديون آهن ❁ هڪ پريشانيءَ مان نڪتا ته بي اچي وئي ❁ پٽ بيمار هو، کيس شفا ملي ❁ هاٿي ڏيءَ بستري تي اچي وئي، ڏيءَ جو علاج ڪرايوسين ❁ ماءُ جي طبيعت خراب ٿي وئي ماءُ جو علاج ڪرايو ❁ پاڻ بيمار ٿي پياسين ❁ ڪاروبار نه پئي هليو ❁ قرض کڻي ويناسين، قرض نه لٿو ته ڪاروبار بند ٿي ويو، وڏي جاکوڙ سان ڪم بحال ٿيو ❁ مهانگائيءَ کَرُ کنيو، مهانگائي مس ڪنٽرول ٿي هئي ته ڪا نئين آفت سامهون اچي وئي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو ماڻهو پريشانين ۾ ڦاسي ويندو آهي، انهن پريشانين مان نڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، انسان هٿ پير هڻندو آهي، پر انهن مان نڪري ئي ناهي سگهندو، ڪنهن چيو هو:

اِک اور دریا کا سامنا تھا منیر مجھ کو

میں ایک دریا کے پار اُترا تو میں نے دیکھا

وضاحت: يعني مان اڃا هڪ مصيبت ۽ امتحان جو درياءُ ترِي پار ڪري مس پهتس ته سامهون ٻيو اونهو درياءُ موجود ڏٺم.

ايئن ڇو ٿيندو آهي؟ اسين پريشانين جي هن حيرت واري ميدان (يعني مصيبتن ۽ مونجهارن) مان ڇو نڪري نٿا سگهون؟ اسان کي سوچڻ گهرجي: ڪٽي اها اسان جي ئي نافرمانين ۽ گناهن جي سزا ته ناهي! ۞ فجر سمهندي گذري وجي ٿي ۞ ظهر، عصر ۽ مغرب روزگار ۽ دنياوي ڪمن ڪارين ۾ گذاري ڇڏيون ٿا ۞ عشاءِ جي وقت ٽڪاوٽ تمام گهٽي هوندي آهي، تنهنڪري سمهي پئون ٿا ۞ دُرودِ پاڪ پڙهڻ، الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ، وِرد ۽ وظيفا پڙهڻ، قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ: اهڙن نيڪ ڪمن ڏانهن ڪڏهن ڏيان ئي نٿو وڃي ۞ سُودي ڪاروبار ڪيا وڃن ٿا ۞ ٻين کي تڪليفون پهچايون وڃن ٿيون ۽ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا گناهه آهن جيڪي معاشري ۾ ٿي رهيا آهن.

اسان مان هر هڪ پنهنجي باري ۾ غور ڪري ته مان جيڪڏهن پريشانين ۾ مبتلا آهيان، ڪم رڪيل آهن، هڪ پنيان ٻي پريشاني ايندي ئي پئي وڃي، مان هن حيرت جي ميدان مان نڪري ئي نٿو سگهان، ته ڪٽي ائين ته ناهي جو اها منهنجي ئي گناهن جي سزا هجي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي توبہ ڏانهن اڇڻ گهرجي! گناهه ڇڏي الله پاڪ جي فرمانبرداري اختيار ڪرڻ گهرجي. صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا: هي دنيا جڏ ته ميدانِ تِيہ آهي، اسان سڀ ئي هتي قيد آهيون. الله پاڪ ڪرم فرمايو، اسان تي محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمتن جو سايو فرمايو، اسان جي روح کي طاقت بخشڻ لاءِ روحاني غذا يعني قرآنِ ڪريم نازل فرمايو. اسان تي لازم آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دامنِ رحمت مضبوطيءَ سان پڪڙيون ۽ قرآنِ ڪريم تي عمل ڪندي پريشانين جي هن حيرت واري ميدان مان ڪامياب ٿي ڪري نڪري وڃون. [1]

---

[1]...تفسير نعيمى، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:57، جلد:1، صفحه:407 خلاصةً۔

## پريشانين مان نڪرڻ جو طريقو

هڪ شخص پريشانين ۾ وڪوڙيل هو، هو پنهنجو ڏک ڪٽي هڪ نيڪ بانهي جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: پريشانيون ئي پريشانيون آهن، جيڪو به ڪم ڪريان ٿو، اهو ابتو ٿي وڃي ٿو، چا ڪريان؟ نيڪ بانهي پڇيو: پٽ! اسٽيمپ (Stamp يعني مُهر) ڏني اٿئي؟ عرض ڪيائين: جي ڏني آهي. پڇيائين: چا توکي خبر آهي ته اسٽيمپ (مُهر) تي لکت ڪيئن هوندي آهي؟ چيائين: ان تي ابتي لکت هوندي آهي. پڇيائين: چا اهو ٻڌائي سگهين ٿو ته اها سِڌي ڪيئن ٿيندي آهي؟ جواب ڏنائين: جڏهن مُهر ڪاغذ تي لڳندي آهي ته اکر سِڌا ٿي ويندا آهن. فرمايائون: جيئن مُهر پنهنجو مٿو (يعني پيشاني) ڪاغذ تي رکندي آهي ته ان جا ابتا لفظ به سِڌا ٿي ويندا آهن، بلڪل ايئن ئي تون به وضو ڪري مسجد وچ ۾ پنهنجي خالق و مالڪ جي بارگاهه ۾ پيشاني ٽيڪ (يعني سجدو ڪر) اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! تنهنجا به سمورا ابتا ڪم سِڌا ٿي پوندا. [1]

## پُرسڪون ۽ سٺي زندگي

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! جيڪڏهن اسين الله پاڪ جي فرمانبرداري اختيار ڪنداسين، گناهه ڇڏي نيڪين طرف اينداسين اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! دنيا به بهتر ٿي ويندي ۽ آخرت به سنورجي ويندي. سيپارو: 14، سورة النحل، آيت: 30 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ؕ وَ لَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ ؕ (سيپارو: 14، النحل: 30) | ترجمو ڪنزُ العرفان: جن هن دنيا ۾ ڀلائي ڪئي، انهن لاءِ ڀلائي آهي ۽ بيشڪ آخرت جو گهر سڀ کان بهتر آهي. |

[1]...فيضانِ نماز،سجدے کے فضائل، صفحہ:258۔

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: (هن آيت جي هڪ معنيٰ اها آهي ته) جيڪي ماڻهو ايمان آڻين ۽ نيڪ عمل ڪن، انهن کي دنيا ۾ به ان جو سٺو بدلو عطا ٿيندو. [1]

## توبہ جو ذهن کيئن بٽيو...؟

هڪ بزرگ هئا، انهن کان ڪنهن پڇيو: سائين! اوهان جو توبہ ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي عبادت طرف اچڻ جو ذهن کيئن بٽيو؟ انهن پنهنجو واقعو بڌائيندي فرمايو: مان اٽي جي چڪي هلائيندو هيس (يعني چڪيءَ ذريعي اٽو پيهندو هيس). ڳوٺ ۾ رهائش هئي، جمعو پڙهڻ لاءِ پري شهر جي جامع مسجد ۾ وڃڻو پوندو هو. هڪ ڀيري خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات هئي، مون سان هڪ عجيب معاملو پيش آيو: ۞ منهنجي هڪ ٻني هئي، جنهن کي پاڻي ڏيڻو هو ۞ چڪيءَ تي اناج پيو هو، اهو پيهڻو هو۞ مون وٽ هڪ گڏهه هو، اهو اوچتو رسو ڇنائي ڇڄي ويو. هاڻي وڏي پريشاني ٿي وئي: مان اڪيلو ماڻهو ۞ ٻنيءَ کي پاڻي ڏيان ته، نه گڏهه ملندو، نه اٽو پيهبو ۞ اٽو پيهان ته، نه گڏهه ملندو، نه ٻنيءَ کي پاڻي ملندو ۞ گڏهه ڳولڻ نڪران ته، نه ٻنيءَ کي پاڻي ملندو، نه ئي اٽو پيهي سگهبو: مطلب ته مون کي ٻه نقصان هر حال ۾ کڻڻا ئي ٿي پيا. تمام گهڻي ڳڻتي هئي، سوچي سوچي دماغ گهمي رهيو هو. آخرڪار مون دل ۾ چيو: ڇڏيو سڀ ڪجهه! هلو، جمعي جي نماز پڙهڻ هلون ٿا! پوءِ مون جمعي جي تياري ڪئي ۽ شهر ڏانهن روانو ٿي ويس. جامع مسجد ۾ وڃي سڪون سان جمعي جي نماز ادا ڪيم، پوءِ ڳوٺ موٽي رهيو هيس، جڏهن پنهنجي ٻنيءَ وٽان لنگهيس ڏٺم ته منهنجي ٻنيءَ کي ته پاڻي ڏنو پيو آهي! ڏاڍي حيرت ٿي، ڪنهن کان پڇيم: منهنجي ٻنيءَ کي پاڻي ڪنهن ڏنو؟ بڌائيندڙ چيو: تنهنجو پاڙيسري ٻنيءَ وارو پنهنجي ٻنيءَ کي پاڻي ڏئي رهيو هو، رات جو وقت هو ۽ ڪيس ننڊ

[1]...تفسير صراط الجنان،پاره:14، سورۂ نحل،زيرِ آيت:30،جلد:5،صفحہ:306۔

پئي اچي رهي هئي، سو غلطيءَ مان هن تنهنجي ٻنيءَ ۾ پاڻي چوڑي ڇڏيو، پوءِ جڏهن کيس خبر پئي ته ٻيهر پنهنجي ٻنيءَ کي ڏنائين. چون ٿا: مون الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ گهر ڏانهن روانو ٿيس. جيئن ئي در کوليم ته ڏسان ته گڏهه اڳيان ٻڌو پيو آهي! مون حيرت مان پڇيو: هن کي ڪير پکڑي آيو آهي؟ گهر وارن ٻڌايو: هي جهنگ طرف هليو ويو هو، سامهون بگهڙ ڏسي ڊڄي ڀڳو ۽ پاڻمرادو ڊوڙندو ستو گهر هليو آيو. هاڻي مان اندر ويس ته ڏسان منهنجو اٺو به پينل پيو آهي! وري حيرت ٿي، گهر ياتين کان پڇيم: هي اٺو ڪنهن پيهي ڏنو؟ چوڻ لڳا: پاڙيسري پنهنجو اَنُ پيهڻ پئي چاهيو، پر پُل مان هن اسان جو اَنُ پيهي ڇڏيو، جڏهن کيس خبر پئي ته هو اسان جو اٺو اسان کي ڏئي ويو ۽ پنهنجو ان وري پيهي ورتائين هي سڄو احوال ڏسي منهنجي دل تي گهرو اثر پيو ته ڪٽي اها حالت هئي جو مون کي هر صورت ۾ ٻه نقصان ڪٽڻا ئي هئا، ۽ ڪٽي هي عالم جو منهنجا سمورا ڪم پاڻمرادو حل ٿي ويا! بس ان ئي ڏينهن کان مون توبه ڪري ورتي ۽ نيڪ ڪمن کي ترجيح ڏيڻ شروع ڪري ڏني.

سُبْحٰنَ الله! چا ته شان آهي...!!

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غَیب سے حسنؔ

بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا[1]

وضاحت: اي حسن! منهنجا ڪم غيب مان چو نه نهندا؟ منهنجون مشڪلاتون چو نه حل ٿيندیون؟ ڏسو ته سهي مان ڪيڏي وڏي ڪارساز يعني الله رب العالمين جو ٻانهو آهيان...!!

الله پاڪ اسان کي نيڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:18۔

## تَوَكُّل اختيار فرمايو!

پيارا اسلامي پائرو! بني اسرائيل کي بغير کنهن مشقت جي مَنّ ۽ سَلْويٰ نصيب ٿيندو هو، کين حڪم ڏنو ويو:

| | |
|---|---|
| كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ (سيپارو: 1، البقرة: 57) | ترجمو کنزُ العرفان: (ته جيئن) اسان جون ڏنل پاڪيزه شيون کائو. |

يعني هر ڏينهن جو کاڌو روزانو ڏنو پيو وڃي، ان کي بچائي ذخيرو نه کريو! الله پاڪ اڄ عطا فرمايو آهي ته سياڻي به وري عطا فرمائيندو، تنهنڪري سياڻي لاءِ ذخيرو نه کريو، هر روز جو کاڌو روزانو کائي ڇڏيو!

پر بني اسرائيل ان حڪم تي عمل نه کيو، کاڌو بچائي رکڻ شروع کري ڏنائون، يعني انهن الله پاڪ تي پروسو نه کيو. ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟ مَنّ ۽ سَلْويٰ جو لهڻ بند ٿي ويو. معلوم ٿيو ته توڪل يعني الله پاڪ تي پروسو کرڻ نعمتن جي حاصل ٿيڻ جو ذريعو آهي، ۽ توڪل نه کرڻ مشقتن ۽ ڏکن ۾ قاسڻ جو سبب آهي.

## کاڌو خراب ڇو ٿيندو آهي؟

اسان وٽ عام طور کاڌو گهٽا ڏينهن رکيل هجي ته خراب ٿي ويندو آهي ۽ ان تي ٿَهه لڳي ويندي آهي. بچيل کاڌي کي سنيالڻ لاءِ مختلف طريقا اختيار کيا ويندا آهن، پهرين ائين نه هوندو هو. هي جيڪو کاڌو خراب ٿئي ٿو، اهو پڻ بني اسرائيل جي ان ئي بي صبري جو نتيجو آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي، نبين جي سردار، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن بني اسرائيل نه هجن ها ته نه کاڌو ڪڏهن خراب ٿئي ها ۽ نه ئي گوشت سڙي ها. [1]

معلوم ٿيو ته کاڌي جو خراب ٿيڻ ۽ گوشت جو سڙڻ ان ئي تاريخ کان شروع ٿيو، نه ته ان کان اڳ نه کاڌو خراب ٿيندو هو ۽ نه ئي گوشت سڙندو

[1]...مسلم، كتاب الرضاع، باب لولا حواء لم تخن انثى زوجها الدهر، صفحه:556، حديث:1470۔

هو.

پيارا اسلامي پائرو! اها آهي بي صبري جي نحوست ان کري اسان کي گهرجي تہ توڪل اختيار ڪريون، الله پاڪ تي پروسو رکون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون برڪتون حاصل ٿيندیون.

## توڪل ڇاکي چئبو آهي...؟

توڪل جي معنيٰ آهي: الله پاڪ تي اعتماد رکڻ ۽ پنهنجا سڀ معاملا الله پاڪ جي سپرد ڪري ڇڏڻ. (1)

ان جو مطلب هي ناهي تہ اسين دنياوي سببن کي ئي ترڪ ڪري ڇڏيون، بلڪ توڪل جو مقصد آهي: ۞ وسيلن ۽ اسبابن تي پروسو نہ ڪجي ۞ روزيءَ مانيءَ جا وسيلا اپنائجن ۞ بيمار ٿي پئجي تہ دوا بہ ڪجي ۞ پورهيو ۽ محنت بہ ڪجي ۞ کا پريشاني اچي تہ ان جي حل لاءِ ڪوشش بہ ڪجي پر دل جو اصلي اعتماد انهن ظاهري سببن تي نہ هجي بلڪ الله پاڪ جي رحمت تي هجڻ گهرجي.

## جيڪڏهن اوهان توڪل ڪريو ها تہ...

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗؕ (سيپارو: 28، الطلاق: 3) | ترجموڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو الله تي پروسو ڪري تہ اهو ان کي ڪافي آهي. |

سردارِ دوعالم، مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو آهي: لَوْ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَوَكَّلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ حَقَّ تَوَكُّلِهٖ لَرُزِقْتُمْ كَمَا تُرْزَقُ الطَّيْرُ تَغْدُوْ خِمَاصًا وَتَرُوْحُ بِطَانًا جيڪڏهن اوهان الله تي اهڙو توڪل رکو جهڙو توڪل ڪرڻ جو حق آهي، تہ اوهان کي

[1]...تفسير خزائن العرفان، پاره: 3، زيرِ آيت:159، صفحہ:141۔

اهڙيءَ طرح رزق ڏنو وڃي ها جهڙيءَ طرح پکين کي ڏنو ويندو آهي، جو اهي صبح جو بکيا نڪرندا آهن ۽ شام جو انهن جو پيٽ پريل هوندو آهي. (1)

## انڌي پکيءَ جو توکل

صحابيءِ رسول، حضرت انس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ جن فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيو هيس، اسان هڪ نابينا پکيءَ (Blind bird) کي ڏٺو جيڪو پنهنجي چُهنب هڪ وڻ تي هٽي رهيو هو. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته هي ڇا ڪري رهيو آهي؟ مون عرض ڪيو: اللّٰه پاڪ ۽ ان جو رسول ئي بهتر ڄاڻن ٿا. فرمايائون: هي ڪري رهيو آهي: اي اللّٰه پاڪ! تون ئي عدل ڪرڻ وارو آهين ۽ تو ئي منهنجي اکين جي روشني گسي ورتي آهي، مون کي بک لڳي آهي. ايتري ۾ هڪ تِڏ آئي ۽ اها سڌي اچي ان پکيءَ جي وات ۾ داخل ٿي وئي. ان کان پوءِ اهو پکي وري پنهنجي چُهنب وڻ تي هٽڻ لڳو. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پڇيو: ڄاڻو ٿا ته هاڻي هي ڇا پيو چوي؟ مون عرض ڪيو: نه فرمايائون: هي ڪري رهيو آهي: مَنْ تَوَكَّلَ عَلَى اللّٰهِ كَفَاهُ يعني جيڪو اللّٰه تي پروسو ڪري تو، اللّٰه ان کي ڪافي ٿي وڃي تو. (2)

سُبْحٰنَ اللّٰه! سچ آهي، جيڪو ڀانهو اللّٰه پاڪ تي پورو پروسو رکندو آهي، اللّٰه پاڪ ان لاءِ ڪافي ٿي ويندو آهي. تنهنڪري پنهنجي ايندڙ ڏينهن (سياڻي) جي فڪر ڪرڻ بدران اسان کي پنهنجي آخرت جي ڳڻتي ڪرڻ گهرجي. رزق جو ڇا آهي؟ جنهن پالٹهار اڃ ڪائڻ لاءِ ڏنو آهي، سياڻي به اهو ئي عطا فرمائيندو!

---

1...ترمذی، کتاب الزهد، باب فی التوکل علی اللہ ، صفحہ:560، حدیث:2344۔

2...حاوی للفتاوٰی، مجموع الاسئلۃ الناجیۃ، صفحہ:442۔

## مون کي پنهنجي آقا تي پروسو آهي

خليفي هارون رشيد جي دورِ خلافت ۾ ماڻهو ڏاڍي سخت ڏڪار (خشڪ سالي ۽ برسات نہ پوڻ) جو شڪار ٿيا، تہ خليفي ماڻهن کي دربارِ الاهيءَ ۾ روئڻ، دعا گهرڻ ۽ اجاين ڳالهين کان پرهيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو. انهن ڏينهن ۾ ماڻهن هڪ اهڙو غلام ڏٺو جيڪو ڏاڍو خوش ۽ مطمئن نظر اچي رهيو هو. ڪيس خليفي هارون رشيد جي دربار ۾ آندو ويو. خليفي ڪانئس خوشي ۽ سڪون جو سبب پڇيو تہ هن چيو: منهنجي آقا وٽ ڪٽڪ جا وڏا ذخيرا گڏ ٿيل آهن، ۽ مون کي پنهنجي آقا تي پورو پروسو آهي تہ هو مون کي ان مان ئي کارائيندو، تنهنڪري مون کي ڏڪار جي ڪا پرواهہ ناهي. غلام جي اها ڳالهہ ٻڌي خليفي چيو: جڏهن هي غلام پاڻ جهڙي هڪ عام انسان تي پروسو ڪري ايترو بي فڪر ۽ مطمئن ٿي سگهي ٿو، تہ پوءِ اسين هن ڳالهہ جا وڌيڪ حقدار آهيون جو اللہ پاڪ تي توڪل ڪريون. (1)

## ٽينشن (پريشانين) جو علاج

مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: انساني دل جي هر جهنگ ۾ هڪ ٽاري (شاخ) آهي، تہ جيڪو پنهنجي دل کي انهن سمورين شاخن جي پنيان لڳائي ڇڏيندو، تہ اللہ پاڪ کي ان جي ڪا پرواهہ نہ هوندي تہ ڪهڙي جهنگ ۾ ڪيس تباهہ ڪري ڇڏي ۽ جيڪو اللہ ڪريم تي توڪل ڪري، تہ اهو انهن کي گهاٽين کان بچائي وٺندو. (2)

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تشريح ۾ فرمائن ٿا: انسان جي دل هڪ آهي پر ان جي لاءِ فڪر ۽ غم بيشمار آهن ۞ روٽي ۞ ڪپڙا ۞ مڪان ۞ بيمارين جو علاج ۞ پاڻ ۾ جهيڙا جهٽا ۽ اختلاف وغيره وغيره، فڪرن ۽ غمن جا جهنگ آهن، جن

---

[1]...مستطرف، الباب العاشر فی التوكل على الله تعالى...الخ، الفصل الاول، جلد:1، صفحه:116ـدارالفكر

[2]...ابن ماجه، كتاب الزهد، باب التوكل واليقين، صفحه:677، حديث:4166ـ

مان هر هڪ جو واسطو سڏو انسان جي دل سان آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: توڪل ڪندڙ مؤمن تي پهرين ته رنج ۽ ڏک ايندا ئي نہ، ۽ جيڪڏهن ايندا به ته پاڻيءَ وانگر وهي نڪري ويندا، جيڪڏهن ڪجهه رهجي به ويا ته دل انهن جو ڪو اثر نہ وٺندي، بلڪ دل الله پاڪ جي ياد ۾ گُم رهندي آهي.[1]

## توڪل ڪرڻ وارا راحت ۾

تابعي بزرگ، حضرت ابوفَروه جَزَري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ شخص مون کي خواب ۾ چيو: ڇا تون نٿو ڄاڻين ته توڪل اختيار ڪندڙ ئي سُک ۽ چين ۾ هوندا، مون عرض ڪيو: الله ڪريم اوهان تي رحم فرمائي، ڪهڙي ڳالهه کان سُک ۽ چين ۾ هوندا؟ فرمايائون: دنيا جي ڏکن ۽ قيامت جي حساب ڪتاب جي سختيءَ کان. حضرت ابوفروه فرمائن ٿا: الله پاڪ جو قسم! هن خواب کان پوءِ مون کي روزي ديرسان ملي يا جلدي، مان ڪڏهن به غمگين نہ ٿيو آهيان، ڇو ته جيڪو توڪل اپنائي وٺندو آهي الله پاڪ ان جون سموريون دلي مرادون پوريون فرمائيندو آهي، ۽ روزيءَ سان گڏوگڏ پلائي به سندس قدمن ۾ پاڻمرادو هلي ايندي آهي. (2)

الله پاڪ اسان کي توڪل جي دولت نصيب فرمائي. هي جيڪو اسين پنهنجي مستقبل جي فڪر ۾ بي چين رهون ٿا: سپاٽي ماني ڪٽان ايندي؟ پوڙهائپ ۽ پيري ڪيئن گذرندي؟ ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ وغيره. انهن ڳالهين جي مناسب ۽ سني رٿابندي پلاننگ ڪرڻ پنهنجي جاءِ تي، پر انهن ئي خيالن ۾ مگن ٿي وڃڻ، نماز ۽ روزي جي فڪر ڇڏي رڳو اهڙين ڳالهين جي پنيان پئجي وڃڻ ڪنهن به طرح سنو ناهي. اسان کي گهرجي ته الله پاڪ جي رحمتن تي دل سان پروسو رکون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا به سنورجي ويندي ۽ آخرت به سنورجي ويندي. الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق

---

[1] مرآة المناجيح،جلد:7، صفحه:123و 124 ملتقطًا

[2] ...شعب الايمان، باب التوكل والتسليم...الخ، جلد:2، صفحه:107، رقم:1304۔

نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بهارِ شريعت موبائيل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. ان سلسلي ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي IT شعبي پاران انتهائي پياري، تمام وڏن فائدن واري موبائيل ايپليڪيشن متعارف ڪرائي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: بهارِ شريعت (Bahar e Shariat). ۞ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شاهڪار تصنيف "بهارِ شريعت" جا ٽي جلد هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ۞ ان کان علاوه بهارِ شريعت ۾ آيل قرآني آيتون، حديثون، ديني اصطلاحون ۽ لغت بہ هن ايپ جو حصو آهن. ۞ ايپليڪيشن اندر جديد ۽ مختلف طريقن سان ڳولا (Search) ڪرڻ جي مڪمل سهولت موجود آهي. ۞ اوهان کو بہ هڪ لفظ يا 2، 3 مختلف لفظ لکي بہ آسانيءَ سان مطلوبہ مسئلو ڳولي سگهو ٿا. ۞ ڳولا (سرچ) جي عمل کي وڌيڪ آسان بٹائڻ لاءِ ان ۾ اردو کي بورڈ (Keyboard) جي سهولت بہ رکي وئي آهي، جيئن ڳولڻ ۾ آساني ٿئي.

بيان کي پڃاڻيءَ طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو پيش ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(صحيح شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهميءَ جي نشاندهي)

مسئلو: نماز جون فرض رڪعتون مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڳالهہ بولهہ ڪرڻ مڪروهہ تنزيهي آهي.

وضاحت: ڪجهہ ماڻهو ائين سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن فرض پڙهڻ کان پوءِ ڪا ڳالهہ بولهہ ڪري ونجي، تہ پوءِ بعد ۾ پڙهيون ويندڙ سنتن جو ثواب ئي ناهي ملندو يا سنتون ادا ئي ناهن ٿيندیون! هيءَ رڳو هڪ غلط فهمي آهي.

فرض پڑھڻ کان پوءِ ۽ سنتون پڑھڻ کان پھريان ڳالھيون ڪرڻ مڪروھ تنزيھي آھي (يعني گناھ تہ ناھي، پر شرعي طور پسنديده نہ ناھي)، ۽ ائين ڪرڻ سان بعد واريون سنتون ادا نہ ٿي ويندیون آھن ۽ انھن جو ثواب نہ ملي ٿو، البت ان جي ثواب ۾ گھٽتائي اچي ويندي آھي. مسنون طريقو اھو ئي آھي تہ فرض رڪعتون پڑھڻ کان پوءِ ڳالھائڻ کان پاسو ڪجي ۽ بنا دير سنتون پڑھي ونجن. بھارِ شريعت ۾ لکيل آھي: جن فرضن کان پوءِ سنتون آھن، انھن ۾ فرض ادا ڪرڻ بعد ڪلام نہ ڪرڻ گھرجي، جيتوٽيڪ سنتون ادا نہ ٿي ويندیون پر ثواب گھٽجي ويندو ۽ سنتن ۾ دير ڪرڻ مڪروھ آھي.[1] اللہ پاڪ اسان کي صحيح اسلامي احڪام سکڻ ۽ انھن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اُڏوھي (ديمڪ) کان حفاظت (وظيفو)

”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ“ 41 پيرا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پڑھي رکيل سامان، ذخيري يا ڪتابن وغيره تي دم ڪري ڇڏجي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اُڏوھي ۽ ٻين جيتن جڻن کان شين جي حفاظت ٿيندي.[2] اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...بہارِ شريعت، جلد:1، حصہ:3، صفحہ:537۔

[2] ...چڑيا اور اندھا سانپ ، صفحہ:32۔